SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 2020

# SINDH ACT NO.XVII OF 2020

# سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف (ترميم) ايڪٽ، 2020

# THE SINDH COVID_19 EMERGENCY RELIEF (AMENDMENT) ACT,2020

## فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2.2020 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XII جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act No.XII of 2020

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريہ 2020

# SINDHACT NO.XVII OF 2020

# سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف (ترميم) ايڪٽ، 2020

# THE SINDH COVID_19 EMERGENCY RELIEF (AMENDMENT) ACT,2020

[12 آگسٽ 2020]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف ايڪٽ، 2020 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف ايڪٽ، 2020 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ ڪووڊ_19 ايمرجنسي رليف (ترميم) ايڪٽ، 2020 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| (2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | commencement |
| 2.سنڌ ڪووڊ-19 ايمرجنسي رليف ايڪٽ، 2020 جي دفعہ 3 ۾: | 2020 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XII جي دفعہ 3 جي ترميم Amendment of section 3 of Sindh Act No.XII of 2020 |

(i) ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (g) کانپوءِ هيٺيون نيون شقون شامل ڪيون وينديون:

"(h) صحت کاتو سنڌ عوامي سجاڳي مهم، ورڪشاپس، سيمينارس، اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا ذريعي صوبي ۾ مفت ۾ بيان ڪيل صحت گهرن ۾ ماڻهن کي ڪووڊ-19 جون ٽيسٽس ڪرائڻ لاءِ موٽيويٽ ڪندو ۽ همٿائيندو.

(ii)ڪو بہ شخص ڪنهن بہ اسٽيبلشمينٽ ۾ جنهن کي ڪووڊ-19 پازيٽو اچي ٿي، ان کي آئسوليشن ۾ رهڻ وارو عرصو پيڊ ليو ڏني ويندي ۽ آئسوليشن دوران صحت کاتي طرفان بيان ڪيل اسٽينڊرڊ آپريٽنگ پروسيجرز تي عمل ڪندو، بشرطيڪ حڪومت ڏهاڙي تي مزدورن کي مالي مدد فراهم ڪندي جن جي ٽيسٽ پازيٽو اچي ٿي ۽ آئسوليشن جي عرصي دوران صحت کاتي طرفان بيان ڪيل اسٽينڊرڊ آپريٽنگ پروسيجرز تي عمل ڪندا."؛

(iii)ذيلي دفعہ (6) کانپوءِ، هيٺين نئين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:

"(7)اهو ان شخص لاءِ لازمي هوندو تہ هو فيس ماسڪ

پائي جيڪو ڪنهن عوامي جڳهه جو دورو ڪري ٿو
تہ جيئن ڪووڊ-19 انفيڪشن جي ڦهلجڻ کان بچاءُ
ڪري سگهجي.".

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**